# ٻارن کي انعام

آشا چاند

سنڌي سنگت 23 نومبر 2025 تي سيتا سنڌو ڀون ۾ 9 هين سنڌي نرسري رائيمز ڪامپٽيشن جا انعام اَسانجي چيئرمن شري موهن گيهاڻيءَ سيني ٻارن کي ڏنا.

هن سال، اسان کي 73 شهرن مان 1386 ويڊيوز مليا، هندستان ۽ ٻاهرين ملڪن مان. يوگنڊا مان هڪ ٻار انعام کٽيو آهي، اِهو ڏيکاري ٿو تہ اسان جي ٻوليءَ ڪيتري حد تائين سفر ڪيو آهي.

اسان انعام طور 20 ڪمپيوٽر ٽيبليٽس ۽ 20 سمارٽ واچن جو اعلان ڪيو آهي. جيئن ت کٽندڙ ٻار ڪيترن ئي مختلف شهرن ۾ پکڙيل آهن، صرف ڇهہ ٻار پنهنجا انعام وٺڻ لاءِ اچي سگهيا. باقي کٽندڙن کي انعام گهر تي ئي موڪليا ويندا ايميزون ذريعي. هن ڇٽاڀيٽيءَ جا انعام ٽئبليٽ، شري هريش ڪيولاڻي، دبئي طرفان ڏنا ويا.

سنڌي سنگت 2016 ۾ هن ڇٽاڀيٽيءَ جي شروعات ڪئي، جنهن ۾ 3 سالن کان 8 سالن جي عمر جي ٻارن کي سنڌي سيکارڻ تي زور ڏنو ويو. ٻارن کي اسانجا ڏنل بيت ياد ڪري ٻڌائڻا آهن ۽ مائٽن يا ٽيچرن کي انهنجا ويڊيوز بيت ٻڌائيندي اسانکي ڇٽاڀيٽيءَ لاءِ موڪلڻا آهن. اسانجا جج اهي ڏسي 40 انعام ڏيندا آهن. 20 ٽئبليٽ ۽ 20 سمارٽ واچون. اسان کي اِهو وشواس آهي تہ ننڍپڻ ۾ سنڌي ٻولي سکڻ سولي آهي. سيني ٻارن جا وڊيوز اسان جي يوٽيوب چينل تي اپلوڊ ڪيا ويا آهن.

www.youtube.com/sindhisangatkids

هر ٻار کي پارٽيسپيشن جو سرٽيفڪيٽ ملندو آهي. ڪيترائي اسڪول وڏي تعداد ۾ ويڊيوز موڪليندا آهن - ڪڏهن ڪڏهن هڪ وقت ۾ 50 کان وڌيڪ شاگرد. اسان ڏٺو آهي تہ انهن اسڪولن جا ٻار اڪثر انعام کٽندا آهن جو انهن جا ٽيچرس ڪلاس ۾اِهي بيت سيکاريندا آهن ۽ ٻارن کي تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اسان انهن ٽيچرس کي گفٽ پڻ موڪليندا آهيون. هن ڇٽاڀيٽيءَ جا ٽي جج هئا ڪشور لالواڻي، هيما گانڌي ۽ پريا وڇاڻي.

اسان چاهيو ٿا تہ قومي تعليمي پاليسي (اين اِي پِي) 2020 جي هدايتن موجب سنڌيءَ کي هڪ وشيہ جي طور هر سنڌي ٻار کي پڙهايو وڃي. اِها پاليسي شروعاتي سالن ۾ مادري ٻولي ۾ سکڻ تي زور ڏئي ٿي.

سنڌي سنگت مختلف تعليم کاتي ۽ وزيرن سان ملاقات ڪري رهي آهي. اسان دنيا جي سنڌي اڳوانن کان مدد جي درخواست ڪريون ٿا جن جو اثر يا تعلق آهي جيڪو اسان کي هن مشن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو.

جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان جا ٻار شروعات ڪان ئي سنڌي سکن، ت هي اهو موقعو آهي.

اسان جي مادري ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان کي بچائڻ اسان جو فرض آهي. اچو ت سڀ هن مشن ۾ جُڙي وڃون - چاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي سڃاڻپ ۽ ٻولي جي حفاظت جي ذميواري نہ ڪٽنداسين تہ ٻيو ڪو بہ نہ ڪٽندو.